ڊاڪٽر عبدالجبار ”قاسم“ نظاماڻي
اسسٽنٽ پروفيسر
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ماتلي

# محمد صديق ”مسافر“ جون علمي ادبي خدمتون
# (EDUCATIONAL AND LITERARY SERVICES OF MUHAMMAD SIDDIQUE ‘MUSAFIR’)

***Abstract***

*Muhammad Siddique Mussafir was born on 1st April, 1879 inTando Bago, Distrct Badin. He got early education in his home town. He became great Educationist, writer and poet of his time. He died on 24th September, 1961, at the age of 82 years and 6 months. He is buried in the heart of Tando Bago.*

*He was appointed as a Primary Teacher in 1897. Later on in 1912 he was appointed as a Persian and Sindhi teacher in 'Training College for Men Hyderabad. He also served as a head master at Lawrence Madrisa and School Tando Bago from 1920 to 1925 and was retired in March 1932.*

*He started his career as a writer by writing articles in 'Akhbar-e-Taleem' in 1903. He wrote hundreds of articles in this newspaper. He contributed in almost all genres of literature. In this paper I have discussed about his written, translated and compiled books.*

محمد صديق ”مسافر“ تاريخ: 1-4-1879ع تي ٽنڊي باگي شهر ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو گلاب خان، حبشي ۽ والده جو نالو مائي بيگم هو. ڊاڪٽر عبدالجبار مغل لکيو آهي ته: ”محمد صديق ”مسافر“ جو مائٽاڻو نالو ”جهندو“ هو“. (مغل، 1964، 6) محمد صديق”مسافر“ کي ستن سالن جي عمر ۾ محلي جي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو، جتي قرآن شريف پڙهيو ۽ پوءِ ابوالحسن واري سنڌي به پڙهيائين. محمد صديق ”مسافر“ کي سندس مامي حاجي عارف پهرين آگسٽ 1893ع تي ٽنڊي باگي جي سنڌي اسڪول ۾ پرائمري

تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو. سنڌي اسڪول جي هيڊ ماستر ويساک سنگهه، ننڍڙي محمد صديق جي هوشياري معلوم ڪري کيس ٻئي درجي ۾ داخل ڪيو، جتي هو محنت سان پڙهيو ۽ سيپٽمبر 1896ع ۾ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪيائين.

محمد صديق "مسافر"پهرين فيبروري 1897ع ۾ ٽنڊي آدم جي سنڌي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. ڊسمبر 1897ع ۾ سندس بدلي سنجارپور تعلقه ٽنڊي باگي جي سنڌي اسڪول ۾ ٿي. 1899ع ۾ داخلا جو امتحان پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ داخلا حاصل ڪيائين. ٽي سال ٽريننگ ڪرڻ کان پوءِ کيس جنوري 1902ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ استاد مقرر ڪيو ويو. سنه 1912ع ۾ کيس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ سنڌي ۽ فارسيءَ جو اُستاد مقرر ڪيو ويو.

محمد صديق "مسافر" ٽريننگ ڪاليج جي علمي و ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو ۽ ڪاليج مان نڪرندڙ "اخبارِ تعليم" ۾ "متفرقه چٽڪا" جي عنوان سان مضمون لکڻ شروع ڪيائين. بعد ۾ هُن ڪتاب ترجمو ڪرڻ، تصنيف و تاليف ڪرڻ شروع ڪيا.

محمد صديق "مسافر" سال 1920ع کان 1925ع تائين ٽنڊي باگي جي "لارينس مدرسه و اسڪول" جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. ان کان پوءِ سندس بدلي شڪارپور جي گورنمنٽ اسڪول ۾ ٿي، جتان سال 1928ع ۾ واپس سندس بدلي ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ٿي، جتي مارچ 1932ع ۾ رٽائرٽيو.

محمد صديق "مسافر" جي حياتي ( 1879 – 1961) جو پهريون وڏو عرصو انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ گذريو ۽ آخري عرصو شروعاتي پاڪستاني حڪومت جي دؤر ۾ بسر ڪيائين:

> انگريزن 1843ع تي سنڌ تي قبضو ڪيو. سنڌ کي ٽن ضلعن ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ورهايو ويو. ڪراچي مٿان ميجر هينري بريڊ، حيدرآباد تي ڪئپٽن راٽ بورن، شڪارپور تي ڪئپٽن گولڊ کي ڪليڪٽر مقرر ڪيائون. ( اخبار الوحيد، 1936، 20 )

انگريزن 1843ع کان 1847ع تائين سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال رکي ۽ پوءِ فيبروري 1847ع تي سنڌ کي بمبئي صوبي سان گڏي ڇڏيائون. بمبئي سرڪار طرفان سنڌ تي ڪمشنر مقرر ٿي ايندا هئا. انگريز جڏهن انتظامي اُمور کان واندا ٿيا، ته ٻين شعبن ڌانهن ڌيان ڏنائون. انگريز ڪمشنر مسٽر بارٽل هينري اي فريئر جي ڪمشنري واري عرصي (1851- 1859) جي دؤران 1853ع ۾ موجوده سنڌي الفابيٽ جي صورتخطّي تيار ڪئي وئي. انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ نئين صورتخطيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو آغاز ٿيو. انگريزن جي حڪومت جي تعليم کاتي سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾"سنڌي اسڪول" قائم ڪيا. اُن کان سواءِ خانگي طور به اسڪول قائم ڪيا ويا، جهڙوڪ: پهرئين آگسٽ 1885ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام اسڪول" ڪراچي ۾ کُليو، جنهن جو بنياد وڪيل خانبهادر حسن علي آفندي رکيو هو. سيد الهندي شاهه درٻيلي واري پنهنجي ذاتي خرچ سان 1903ع ۾ نوشهروفيروز ۾ مدرسو کوليو، جيڪو پوءِ "مدرسه هاءِ اسڪول" بڻيو. ٽنڊي باگي ۾ "لارينس مدرسه و اسڪول" جو بنياد مير غلام محمد خان ٽالپر ۽ محمد صديق "مسافر" رکيو هو.

> انگريزن جي دؤرِ حڪومت ۾، استادن جي ٽريننگ جي لاءِ حيدرآباد ۾ "ٽريننگ ڪاليج فار مين" 1873ع ۾ کوليو ويو. تعليم کاتي طرفان اپريل 1902ع ۾، "اخبارِ تعليم" ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جي پرنسپال جي ماتحتيءَ ۾ شايع ٿيڻ لڳي. اُن کان سواءِ انگريزن جي حڪومت ۾ حيدرآباد شهر ۾ ادبي انجمنون قائم ٿيون هيون. "لعل چندامر ڏني مل حيدرآباد ۾ سنه 1914ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ قائم ڪئي، انهيءَ سوسائٽي طرفان هڪ ماهوار رسالو جاري ٿيو، ان جو ايڊيٽر ڄيٺمل پرسرام هو. ( ٻگهيو، 1988، 132 - 169 )

محمد صديق "مسافر"، اخبارِ تعليم ۾، زيب النساءَ "مخفي" جي تاريخ قسطوار سنه 1907ع ۾ لکي هئي، جيڪا سنڌي ساهت سوسائٽي وارن سنه 1914ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪئي هئي. اهڙي نموني سان "مسافر" جو ٻيو ڪتاب "چاند بيبي" پڻ سنڌي

ساهت سوسائٽيءَ حيدرآباد سنه 1921ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو. ”حيدرآباد شهر ۾ جنوري 1931ع تي خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي ڪوشش سان ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي“ جو بنياد پيو. ان سوسائٽي جي تصنيف و تاليف ڪاميٽي جو ”مسافر“ بنيادي ميمبر هو ( پيلار، 1974، 10) سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد وارن به ”مسافر“ جا تصنيف، تاليف ۽ ترجمه ڪيل ڪتاب شايع ڪيا هئا. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. شهيد ڪربلا، سال 1932ع،
2. مسدس ابوجهو، 1933ع (ايڊٽ ڪيل)
3. سچاڻ زالون ڀاڱو1، سال 1934ع،
4. قرب قليچ، سال 1936ع
5. نبين جا قصا سال 1939ع،
6. شرح ديوان فاضل، 1937ع
7. جوهر اسلام، 1940ع،
8. تاريخ سنڌ ڀاڱو 4 (ارغون ۽ ترخان) 1941
9. تاريخ سنڌ ڀاڱو 5 (سنڌ ۾ مغلن جا نواب) 1942
10. اخلاق محسني ڀاڱو 1، 1943ع
11. اخلاق محسني ڀاڱو 2، سال 1941

”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي“ طرفان مشاعره ۽ ڪانفرنسون به ٿينديون هيون، جنهن ۾ طرحي مصرعن تي شاعر پنهنجي شاعري پڙهي ٻڌائيندا هئا. اهڙي نموني سان سنه 1934ع واري مشاعري ۾”مسافر“ جي ڏنل مصرع طرح قبول ڪئي ويئي، اُها هن طرح آهي: ”علم مردن کي ملي، زالن ڪيو ڪهڙو گناهه“

انهيءَ مصرع تي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجا ڪلام پيش ڪيا. خود ”مسافر“ به هڪ وڏو غزل ٺاهي پيش ڪيو هو، جنهن ۾ عورتن جي جذباتن جي ترجماني ڪئي اٿس. سڄي غزل جو مرڪزي خيال، عورت ويچاريءَ جي بي قصوريءَ تي ٻڌل آهي. هو ويچاري ٻار به سنيالي پر علم نه حاصل ڪرائڻ يعني نه پڙهائڻ وڏو ڏوهه... ان متعلق سندس چيل شعر جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

مصرع طرح:

علم مردن کي ملي زالن ڪيو ڪهڙو گناهه

ڏُک ڀَري هڪ پيٽ پُڇو دل مان ڪڏي تڏڙو
پساهه
علم مردن کي ملي زالن ڪيو کهڙو گناهه

چوٿين مصرع ۾ چوي ٿو ته:

چيائين ادا، دل اسان ۾ ناهه پانيو تا اِئين؟
علم ۾ انسانيت لئي ٿو سِکي سپ ڪنهن جو
ساهه

اٺين مصرع ۾ چوي ٿو ته:

مون چيو "پياري آدي، بس وات ۾ ٽُنهنجي
گلاب"
رک خدا تي ترت ٿيندو ديس آنجو خير خواهه

نائين مصرع ۾، مردن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته:

علم پارس مرد ڪارڻ ناهه پارس زال ڪاڻ
خوف خالق جو ڪريو مردو چڙيو ٿيلو ۾ تاهه

آخري نالي واري مصرع ۾، پنهنجي استاد فاضل شاهه جو به نالو وٺي ٿو ۽ چوي ٿو ته علم کانسواءِ ڪجهه به نه آهي.

فيض فاضل جو مسافر مَن ۾ دائم مستقيم
قوم جي حالت سواءِ تاهڻ نه گهرجي ڪو به
تاهه

"مسافر" جي وقت ۾ حيدآباد شهر ۾ علمي و ادبي ۽ مشاعري جون محفلون مچنديون هيون. جهڙوڪ "قليچ جون ڪچهريون"، "سانگيءَ جون محفلون"،" قاضين جون قربتون"، "شاهن جون شوخون"، اهڙيءَ طرح پنهنجن پنهنجن محلن ۽ اوطاقن ۾ سنڌ سماءُ، شعر و شاعري، علمي ادبي ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. "مسافر" اهڙين محفلن ۾ هر وقت حاضر ٿيندو رهندو هو.

هڪ دفعي ”مسافر“، علي محمد قادريءَ جي ڪوٽ تي ادبي محفل ۾ شرڪت لاءِ لاڙڪاڻي به ويو. ”تاريخ طبع ديوان قادري“ جي عنوان واري غزل ۾ چوي ٿو:

ويئي لاڙڪاڻي ڏي چڪي قسمت سندم زمام
ديدار دوستن جي سان حاصل خوشي ٿي جام
صاحب علي محمد سو قادري رئيس
جنهن جي پسڻ جو دل کي گهڻو شوق هو تمام

آخر ۾ ”مسافر“ چوي ٿو ته:

ات شڪم عيب ڪولي ”مسافر“ چيو
سرورش ديوان قادري ٿيو عجيب گلشن ڪلام

(مسافر 1954-55،
125 )

”مسافر“ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو، بلڪه پنهنجي شاعري ۽ نثر پڙهي ٻڌائيندو هو. ان ڪانسواءِ حيدرآباد جي ٻين ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. جهڙوڪ ”بزم ادب حيدرآباد“ جنهن جو صدر ۽ سرپرست سيد اسد اللّٰه شاهه”فدا“ تڪڙائي، هو. ”بزم ادب حيدرآباد“ جي طرفان هڪ محفل ٿي، جنهن ۾”مسافر“ ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن شرڪت ڪئي. انهي محفل ۾ شهمير خان ”شهمير“ هيٺيون شعر پڙهيو.

غزل تنهنجو ٻڌي شهمير ڪئي تحسين واهه واصف،
ٿيو تعجب مسافر کي، اداسي کي، مستان کي

(قادري،1983، 314)

”مسافر“ ئي پهريون مسلم اديب آهي جنهن ميرزا قليچ بيگ جي سوانح حيات جي نالي سان ڪتاب ”قرب قليچ“ سنه 1936ع ۾ لکيو، ٻيو سيد فاضل شاهه جي سوانح حيات ۽ سندس غزلن جي تشريح جو ڪتاب ”شرح ديوان فاضل“ سنه 1937ع ۾ لکيو هو، سيد فاضل شاهه سندس مَربي استاد هو.

”مسافر“ انگريزن جي دؤر ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. جيڪي ڪيترن ئي ادارن شايع ڪيا، جهڙوڪ: پوڪرداس سنز ائنڊ بڪ سيلر حيدرآباد، شڪارپور، ڪراچي. ماستر هريسنگ بڪ سيلر ائنڊ پبلشر سکر. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد وغيره.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ”مسافر“ وري آر.ايچ.احمد ائنڊ برادرس بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد.، محمد يوسف ائنڊ برادرس حيدرآباد، اسماعيليه ايسوسيئيشن ويسٽ پاڪستان ڪراچي ۽ ٻين ڪن فردن ذاتي طرح سان به سندس ڪتاب شايع ڪرايا هئا. جهڙوڪ: خواجه محمد هاشم، لعل محمد حيدرآبادي جنهن سندس ذاتي ڪتاب ”ڪلامِ مولىٰ“ شايع ڪيو هُو.

”مسافر“ علم و ادب جو هڪ مڪتبه فڪر هو. سندس سڄي حياتي علم و ادب جي پياس ۾ گذري، ڇڱڪ علم لاءِ زندگي وقف ڪري ڇڏي هيس. سندس شاگردن مان ايم.ايچ خواجه، غلام احمد”بيدم“، قلب علي ”قلب“ خواجه جهڙا نامور استاد ۽ اديب پيدا ٿيا.

”مسافر“ بهترين ليکڪ، اديب، عالم هو، جنهن علم و ادب جي هر موضوع تي لکيو، ٻارن جي ادب ۽ زناني ادب بابت پڻ تمام گهڻو لکيو آهي.

محدم صديق ”مسافر“، جيئن ته ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد هو، اُتي سندس لاڳاپو ڪاليج مان نڪرندڙ رسالي ”اخبارِ تعليم“ سان هو. اُن ڪري ”اخبارِ تعليم“ ۾ سندس ڪيترائي مضمون شايع ٿيا. اُنهن مضمونن ۾ شخصيات، تاريخ، نصيحت آميز نقطا اصلاحي مواد ڪانسواءِ سير و سفر، تصوف، علمِ موسيقي سان گڏ ڪيترائي مذهبي حوالي سان پڻ مضمون لکيا. ”اخبارِ تعليم“ ۾ عالمگير جنگ

(1914ع کان 1919ع تائين) بابت تبصره به لکيل اٿس. اُنهن مضمونن کي گهڻي اهميت حاصل آهي.

محمد صديق "مسافر" سنڌي، اردو ۽ فارسي زبان جو وڏو ماهر هو. عربي ۽ انگريزي تي دسترس حاصل هوندي هيس. هندي ۽ سنسڪرت ٻولين بابت به وڏي ڄاڻ رکندو هو.

محمد صديق"مسافر" جي ڇپرين لکت ترجمه نگاري ۾ ملي ٿي. ڄاڪاڻ ته سندس ڇپريون ترجمو ڪيل ڪتاب "زينت القاري" آهي. جيڪو فارسي زبان مان ترجمو ٿيل آهي. سندس ترجمه ڪيل ڪتابن کي علم و ادب جي مختلف شاخن م ونڊي ورڇي ڀوءِ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. مذهبي حوالي سان جيڪي به ڪتاب ترجمه ڪيا هُئا، اُهي هي آهن:

1. زينت القاري، فارسي، 1989ع، پوڪرداس اينڊ سنس شڪارپور، ڪراچي، حيدرآباد.
2. جوهرِ اسلام، انگريزي، 1940ع، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد.
3. رساله در حقيقت دين، فارسي، 1951ع، اسماعيليه ايسوسيئيشن ويسٽ پاڪستان، ڪراچي.
4. مطلوب المؤمنين، فارسي، 1951ع، اسماعيليه ايسوسيئيشن ويسٽ پاڪستان، ڪراچي.
5. منتخب پنديات جوانِ مردين، فارسي، 1951ع، اسماعيليه ايسوسيئيشن ويسٽ پاڪستان، ڪراچي.

اخلاق انسان جو بهترين زيور اهي، اخلاق کان سواءِ انسان ڏورو آهي. **اخلاقيات بابت جيڪي "مسافر" ڪتاب ترجما ڪيا هُئا. اُهي هيٺ ڏجن ٿا:**

1. اخلاقِ محسني، ڀاڱو ڀهريون، فارسي، 1943ع، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد
2. اخلاقِ محسني، ڀاڱو ٻيو، فارسي، 1947ع، سنڌ مسلم ادبي

سوسائٽي، حيدرآباد

**محمد صديق ”مسافر“ جيڪي شعر و شاعري وارا ڪتاب ترجمه ڪيا هُئا. اُنهن جا نالا هي آهن:**

1. منتخب ديوانِ خاڪي خراساني، فارسي، 1951ع، اسماعيليه ايسوسيئيشن ويسٽ پاڪستان، ڪراچي.
2. ڪلامِ موليٰ، هندي، 1942ع، خواجه هاشم لعل محمد.

**ناول ۽ قصه گوئي واري حوالي سان سندس هيٺيان ڪتاب ترجمه ڪيل آهن:**

1. حياتي جو پهريون دؤر، ڀاڱو پهريون، اردو، 1930ع، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد
2. حياتي جو ٻيو دؤر، ڀاڱو ٻيو، اردو، 1932ع، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد
3. گلبدن، اردو، 1900ع، پوڪرداس سنس شڪارپور، ڪراچي، حيدرآباد
4. ممتاز دمساز، اردو، 1903ع، پوڪرداس سنس شڪارپور، ڪراچي، حيدرآباد
5. سپاهي زاده، اردو، 1900ع، ميٿرس هري سنگهه تاجر سکر
6. مهروربانو، فارسي، 1903ع، ميٿرس هري سنگهه تاجر سکر
7. موم نگري جو سير، هندي، 1949ع، محمد يوسف ائنڊ برادرس، حيدرآباد

**محمد صديق ”مسافر“ جا تصنيف، تاليف ڪيل ڪتاب:**

محمد صديق ”مسافر“ هڪ ئي وقت، عالم، فاضل، نثرنگار، ترجمه نگار، شاعر ۽ تعليمي ماهر هو. محمد صديق ”مسافر“ نثر جي ٽنهين ڀاڱن جهڙوڪ تصنيف، تاليف ۽ ترجمه نگار ۾ ملهايو آهي.

محمد صديق ”مسافر“ جي حياتي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، ته پاڻ علم جي ميدان ۾ گهڻ پاسائين جدوجهد ڪيائين. ڪيترائي ڪتاب، تصنيف ۽ تاليف ڪيائين.

**محمد صديق ”مسافر“ پهريون مجيل اديب آهي، جنهن سوانح عمريون**

لکيون هيون. اُنهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. زيب النساءٌ (1914ع)
2. چاند بيبي (1921ع)
3. شهيدِ ڪربلا (1950ع)
4. قُربِ قليچ (1936ع)
5. شرح ديوان فاضل شاهه (1937ع)
6. منازلِ مسافر بمع ڪُليات مسافر (1954-55ع)
7. سيدة النساءٌ فاطمة الزهره (1959-60ع)

**محمد صديق ”مسافر“ اسلامي تاريخ جي حوالي سان به ڪتاب لکيا هُئا. اُنهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:**

1. نبين جا قصا (1939ع)
2. هداية المسلمين عرف نئون تحفه اسلام (1905ع)

**محمد صديق ”مسافر“ نثر جي حوالي سان ڪتاب لکيا هُئا، جنهن ۾ نثر جي قسمن ۽ اُن سان گڏوگڏ اُنهن جي وضاحت بابت به ڪتاب لکيا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.**

1. حياتي جي ڏوُر جي ڪنجي (1934ع)
2. گلزار نثر و نظم پاڱو پيو (1956-57ع)
3. گلزار نثر و نظم (3 پاڱا) (1953ع)

محمد صديق ”مسافر“ سنڌ جي تاريخ تي به قلم کنيو هو. سنڌ جي تاريخ بابت په ڪتاب لکيا هئس. جيڪي اُن وقت سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي وارن شايع ڪيا هُئا. اِنهن ڪتابن ۾ سنه 1521ع کان 1783ع تائين سنڌ جي تاريخ لکي اٿس. جنهن ۾ سنڌ تي ڌارين جي حڪومت وارا ڏوُر ڄاڻائي ٿو. اُنهن ۾ ارغون، ترخان ۽ دهلي حڪومت طرفان آيل مغل نوابن جا نالا ڄاڻائي ٿو ۽ اُنهن ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. سنڌ جي تاريخ (پاڱو چوٿون)، ارغون ۽ ترخان (1942ع)
2. سنڌ جي تاريخ (پاڱو پنجون)، سنڌ ۾ مغل نواب (1943ع)

**محمد صديق ”مسافر“ انگريز جي ڏوُر حڪومت ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي نصاب لاءِ، سنڌي سونهون به لکيون هيون. جيڪي درجي وار هيٺ ڏجن ٿيون:**

1. سنڌي سونهون (درجو پهريون)، 1937ع
2. سنڌي سونهون (درجو ٻيون)، 1935ع

3. سنڌي سونهون (درجو ٽيون)، 1933ع
4. سنڌي سونهون (درجو چوٿون)، 1938ع
5. سنڌي سونهون (درجو پنجون)، 1941ع
6. سنڌي سونهون (درجو ڇهون)، 1938ع

محمد صديق "مسافر" انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ نصاب لاءِ ڇهه ڪتاب لکيا هُئا. اُنهن مان ٽن ڪتابن جو خود پاڻ مصنف آهي، هڪ ڪتاب، "ڦولداني" ڪِشنچند بيوس سان گڏ لکيائين ۽ ٻه ڪتاب "گلشنِ خيال" ۽ "رنگين گُل"، مرزا اسد بيگ سان گڏجي لکيائين، اُنهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. ڦولداني، 1930ع
2. ترڪيب ۽ تفريق، 1934ع
3. سُڄاڻ زالون (ڀاڱو ٻهريون)، 1934ع
4. تعليمي مضمون (درجو ٽيون ۽ چوٿون)، 1937ع
5. گلشنِ خيال، 1936ع
6. رنگين گل، 1936ع

پاڪستاني دؤرِ حڪومت جي نصابي ڪتابن لاءِ سنڌي سونهون به لکيائين. جيڪي درجي وار هيٺ ڏجن ٿيون:

1. سنڌي سونهون ڇاپو ٻيو (درجو ٻيون)، 1949ع
2. سنڌي سونهون ڇاپو يارنهون (درجو ٽيون)، 1961-62ع
3. سنڌي سونهون ڇاپو ستون (درجو چوٿون)، 1959-60ع
4. سنڌي سونهون ڇاپو ٻهريون (درجو پنجون)، 1962ع
5. سنڌي سونهون ڇاپو ٻيو (درجو ڇهون)، 1955-56ع
6. سنڌي سونهون ڇاپو ٻهريون (درجو ستون)، 1950ع
7. سنڌي ورنيڪيولر جا پيپر ڇاپو ٻيو (فائنل)، 1949ع

محمد صديق "مسافر" پاڪستاني دؤرِ حڪومت ۾ نصاب لاءِ گرامر، جاگرافي، جاميٽري، انگي حساب جا ڪتاب به لکيا هُئا. اُنهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. نئون سنڌي گرامر (ڀاڱو ٻهريون)، 1957ع
2. نئن سنڌي گرامر (ڀاڱو ٻيو ۽ ٽيون)، 1957ع

جاگرافي:

1. سولي ائٽلس جاگرافي ”تعلقه حيدرآباد“ (درجي ٻي لاءِ)، 1947ع
2. نئين ائٽلس جاگرافي ”تعلقه بدين“ (درجي ٻي لاءِ)، 1952ع
3. نئين ائٽلس جاگرافي ”تعلقه ٽنڊوباگو“ (درجي ٻي لاءِ)، 63-1962ع
4. نئين سليس ائٽلس جاگرافي ”ضلع ٿرپارڪر“(درجي ٽئين لاءِ)، 1949ع
5. نئين سليس ائٽلس جاگرافي ”ضلع سانگهڙ“ (درجي ٽئين لاءِ)، 62-1961ع
6. نئين ڏس ۽ سک ائٽلس جاگرافي ”سنڌ“ (درجي چوٿين لاءِ)، 1959ع

جاميٽري:

1. جاميٽري

انگي حساب:

1. نئون انگي حساب (درجي ٽئين لاءِ)
2. نئون انگي حساب (درجي چوٿين، پنجين ۽ ڇهين لاءِ)

محمد صديق ”مسافر“ پنهنجي حبشي برادري کي ياد رکڻ لاءِ ٻه ڪتاب لکيو، جنهن ۾ پنهنجي برادري جي تاريخ ۽ اُنهن سان گڏوگڏ اُنهن سان ٿيندڙ واقعن کي به هِن ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو آهي. اُنهن جا نالا هيٺ ڏجي ٿو.

1. ”غلامي ۽ آزادي جا عبرتناڪ نظارا“، يعني دنيا جي پراڻي ۽ نئين تمدن ۽ تهذيب جا عبرت آموز سبق: (1952ع)

محمد صديق ”مسافر“، ”مسدس ابوجهو“ نئين سر ايڊٽ ڪيو هو، جيڪو سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي وارن 1934ع ۾ شايع ڪيو هو. اُن جومهاڳ خود ”مسافر“ لکيو هو، جنهن ۾ ايڊيٽنگ بابت وڌيڪ وضاحت سان لکيائين.

1. ”مسدس ابوجهو (ايڊٽ)“ (1934ع)

محمد صديق "مسافر"، لطيف شناس هو، شاهه جي رسالي جا نؤ سُر مرتب ڪيائين، اُنهن سُرن ۾ آيل بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکيائين. اُن سان گڏوگڏ بيتن جي شرح پڻ بهترين انداز ۾ لکيائين. چار سُر سندس حياتي ۾ شايع ٿيا ۽ پنج سُر سندس وفات کانپوءِ آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد وارن مختلف پرنٽنگ پريس مان ڇپائي پڌرا ڪيا هُئا. اُنهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. سُر ڪنڀات (1960-61ع)
2. سُر سُريراڳ (1970ع)
3. سُر سهڻي (1964ع)
4. سُر سسئي آبري (1960ع)
5. سُر ليلان چنيسر (197-68ع)
6. سُر ڪاموڏ (1964ع)
7. سُر سورٺ (1967ع)
8. سُر ڪيڏارو (1962-63ع)
9. سُر آسا (1960-61ع)

محمد صديق "مسافر"، پنهنجي وقت جي لحاظ کان هڪ تعليمي ماهر، مفڪر، عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر پڻ هو. "مسافر" 82 سال، 5 مهينا، 23 ڏينهن، عمر ماڻي، 24 سيپٽمبر 1961ع تي ٽنڊي باگي ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه به ٽنڊي باگي شهر جي ويجهو آهي.

## حوالا:


اخبار الوحيد ( 1936) ڪراچي، سنڌ

ٻگهيو، عزيز الرحمٰن ڊاڪٽر. (1988).سنڌي صحافت جي ارتقاءِ ۽ تاريخ. ڄامشورو، سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

پيلار، جلال الدين.(پيلار،(1974).خانبهادر محمد صديق ميمڻ جون علمي ادبي خدمتون. ايم.اي سنڌي لاءِ لکيل مونوگراف. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي

قادري، اياز حسين ڊاڪٽر.(1983).سنڌي غزل جي اوسر، جلد

نمبر 2. ڄامشورو،سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
مغل، عبدالجبار، ڊاڪٽر(1964). محمد صديق مسافر جون علم و ادب ۾ خدمتون. ايم.اي سنڌي لاءِ لکيل مونوگراف. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي
.مسافر، محمد صديق.( 1954-55 ).منازلِ مسافر بمع ڪُلياتِ مسافر. ڇاپو پهريون.حيدرآباد سنڌ: آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس بُڪسليرز شاهي بازار حيدرآباد